صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# شانِ مصطفےٰ

22-October-2020



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

22 آکٽوبر2020 تي پاڪستان جي هفتہ وار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# شانِ مصطفٰي ﷺ

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ!

❖ وڏن جو حضوراڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان گڏ هلڻ

❖ شانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

❖ عزت ۽ ڪرامت جا سڀ ڪان وڏيڪ اسباب

❖ جنت ۽ دوزخ جون چاٻيون هٿ مبارڪ ۾ ڏنيون ويون

❖ شفاعت حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو

❖ جنهن پاسي اشارو ڪندا هئا چنڊ ان پاسي جهڪي ويندو هو

پيشڪش

مجلس المدينة العلميہ

شعبہ بيانات دعوت اسلامي

ترجمو ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ(دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# شانِ مصطفٰي ﷺ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضرتِ سَيِدُنا اِمام سخاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **نقل فرمائن ٿا:** نور واري آقا، مڪي مدني مصطفٰيﷺ **جن ارشاد فرمايو:** ''مَنْ صَلَّى عَلَيَّ صَلَاةً وَاحِدَةً صَلَّى الله عَلَيه عَشْراً جنهن مون تي هڪ ڀيرو دُرُودِ پاڪ پڙهيو الله پاڪ ان تي ڏھ (10) رَحمتون نازِل

فرمائيندو آهي وَمَنْ صَلَّى عَلَيَّ عَشْراً صَلَّى اللہ عَلَيه مِاءَةً ۽ جيڪو مون تي ڏھ (10) ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهي الله پاڪ ان تي سو (100) رحمتون نازل ڪندو آهي، وَمَنْ صَلَّى عَلَيَّ مِاءَةً كَتَبَ الله لَه بَيْنَ عَيْنَيه بَرَاءَ ةً مِّنَ النِّفَاقِ وَبَرَاءَ ةً مِّنَ النَّار ۽ جيڪو مون تي سو (100) ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهي الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکندو آهي تہ هي نِفاق ۽ جَهنَّم جي باھ کان آزاد آهي وَاَسْكَنَهُ اللہُ يَوْمَ الْقِيامَةِ مَعَ الشُّهدَاء ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو. (القول البديع،الباب الثانی فی ثواب الصلاة علی رسول اللہ...الخ،ص۲۳۳)

اے شہنشاہِ مدینہ اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام زینتِ عرشِ مُعلّٰی اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام
مومنو پڑھتے نہیں کیوں اپنے آقا پر دُرود ہے فرشتوں کا وظیفہ اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام
میں وہ سُنّی ہوں جمیلِ قادری مرنے کے بعد میرا لاشہ بھی کہے گا اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفٰيﷺ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

## ٻہ مدني گُل:

1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وِڇائي ويهندس ❖

[1] ...قبالهٔ بخشش،ص164

ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڏِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! اُذْكُرُ الله , تُوبُوا اِلَی الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي اڄ جي بيان جو موضوع آهي "شانِ مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ" جنهن ۾ اسان ٻڌنداسين تہ وڻن جو حضور سان ڳڏ هلڻ ۽ وڻ الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان ڳڏ ڪيئن هلندا هئا؟ شانِ مصطفٰي، عزت ۽ ڪرامت جا سڀ کان وڏيڪ ڪهڙا سبب آهن؟، جنت و دوزخ جي چاٻين جو مالڪ ڪير آهي؟، شفاعت ماڻڻ جو بهترين ذريعو ڪهڙو آهي؟ ۽ ان کان علاوه عشقِ رسول سان مالا مال ڪيئي اهم مفيد ڳالهيون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. اِنْ شَآءَ الله

وہ خَتمُ الانبیاء تشریف فرما ہونے والے ہیں نبی ہر ایک پہلے سے سناتا یہ خبر آیا
رَبیعِ پاک تجھ پر اہلِ سنت کیوں نہ قرباں ہوں کہ تیری بارہویں تاریخ وہ جانِ قمر آیا
چلواے مُفلسو جو آج مانگو گے وہ پاؤ گے کہ صدقہ بانٹتا ارض و سما کا تاجور آیا[1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## وڻن جو حضورِ اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان ڳڏ هلڻ

حضرت جابر بن عبدالله رَضِیَ اللهُ عَنْہ کان روايت آهي تہ اسان رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان ڳڏ هلياسين، ايستائين جو هڪ وسيع وادي ۾ پهتاسين. رسول الله

[1] ... قبالهٔ بخشش،ص65

صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ قضاءِ حاجت جي لاءِ تشريف وٺي ويا، مان پاڻي جو ٿانءُ کڻي سندن پويان ويس، پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هيڏانهن هوڏانهن نگاهه اقدس کنئي پر سِتر ۽ پردي جي لاءِ ڪا شيء نظر نه آئي. اوچتو وادي جي ڪناري تي ٻه وڻ نظر آيا. رحمت عالم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن اُنهن مان هڪ وٽ تشريف وٺي ويا، ان جي ٽارين مان هڪ ٽاريءَ کي پڪڙي فرمايائون: ”الله پاڪ جي حڪم سان مون سان گڏ منهنجي اطاعت ۾ هل“ اهو وڻ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان گڏ ائين جهڪائي اهڙي طرح هليو جيئن نڪيلي پاتل اُٺ پنهنجي مالڪ سان گڏ ڪنڌ جهڪائي هلندو آهي، ايستائين جو پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٻي وڻ وٽ تشريف وٺي ويا ۽ ان جي ٽاري پڪڙي فرمايائون: ”الله پاڪ جي حڪم سان منهنجي پيروي ڪر ۽ منهنجي پويان هل“ اهو وڻ به پهرئين وڻ جيان پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پويان هلڻ لڳو ايستائين جو ٻئي ويجهو ٿي ويا ۽ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ انهن جي وچ ۾ ويهي رهيا ۽ حڪم ڏنائون، الله پاڪ جي حڪم سان مون لاءِ گڏجي اوٽ ٿاهيو، اهي ٻئي وڻ گڏجي ويا.

حضرت جابر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: مان ڊوڙندي اتان نڪتس ته جيئن ڪٿي رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ منهنجي ويجهو هئڻ جو احساس ڪندي اجان پري وڃڻ جي تڪليف نه ڪن. مان پري وڃي ويهي رهيس ۽ ڪنهن خيال ۾ گم ٿي ويس. اوچتو ڏٺم ته محبوب ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اچي رهيا آهن ۽ اهي ٻئي وڻ جدا ٿي پنهنجي هنڌ هليا ويا. (الوفا، ابن جوزی، مترجم، ص۳۴۴، لاہور)

اپنے مولیٰ کی ہے بس شان عظیم جانور بھی کریں جن کی تعظیم
سنگ کرتے ہیں ادب سے تسلیم پیڑ سجدے میں گرا کرتے ہیں [1]

---

[1] ۔۔۔ حدائق بخشش ص۱۱۲

**شعر جي مختصر وضاحت: الله پاڪ جي آخري نبي، محمدِ عربي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو شان تہ ڏسو جو جانور بہ پاڻ سڳورن** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي تعظيم ڪن ٿا، پٿر نبي ڪريم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو اِحترام ڪندي دُرود و سلام پڙهن ٿا ۽ وڻ سندن جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي سجدو ڪن ٿا.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شانِ مصطفيٰ

**پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا، اسان جي مولا، اسان جي رهبر، شفيعِ محشر** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو مقام ۽ رُتبو سڀني نبين کان افضل ۽ سڀ کان اعليٰ آهي، رسول اڪرم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي شان ۽ عظمت جي ڇا ڳالهہ ڪجي! پاڻ سڳورن** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو شان اهو آهي جو سندن ذات تڏهن کان آهي جڏهن زمين ۽ آسمان بہ نہ هئا ۽ اهو جهان بہ نہ هو. خود فرمائن ٿا: "سڀ کان پهريان الله پاڪ منهنجو نور پيدا فرمايو ۽ منهنجي ئي نور مان هر شيءِ پيدا فرمائي."**

**منهنجي آقا** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو شان اهو آهي جو حضرتِ جبرئيل کان پڇن ٿا: تنهنجي عمر ڪيتري آهي، عرض ڪن ٿا: چوٿين حجابِ عظمت ۾ ستر (70) هزار سالن کان پوءِ هڪ تارو اڀرندو آهي، مون ان تاري کي ٻاهتر هزار ڀيرا ڏٺو آهي، ارشاد فرمائن ٿا: اي جبرائيل اهو تارو مان ئي آهيان. اهو آهي شانِ مصطفيٰ جو الله پاڪ فرمائي ٿو: اوهان نہ هجو ها تہ مان دنيا پيدا نہ ڪيان ها. اهو آهي شانِ مصطفيٰ جو سمورن چڱن کان چڱي نبي، سمورن سچن کان سچي نبي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي نالي کي حضرتِ آدم** عليه السلام **پنهنجي لاءِ وسيلو بڻائن. اهو آهي شانِ مصطفيٰ جو پاڻ ڪريم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **اڱر مبارڪ جي اِشاري سان چنڊ جا بہ ٽڪرا ڪري ڇڏين. اهو آهي شانِ مصطفيٰ جو پاڻ ڪريم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **ڪاني کي روشن ڪري ڇڏين ۽ صحابہ ڪرام ان جي روشني ۾ گهر**

پهچي وجن. اهو آهي شانِ مصطفيٰ جو رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابي رسول کي ڪاٺي عطا ڪن تہ اها تلوار جيان ڪافرن جون سسيون ڏار ڪري ڇڏي. اهو آهي شانِ مصطفيٰ جو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪنهن جي لاءِ سون (Gold) حلال ڪن ۽ ڪنهن هڪ جي شاهدي ٻن شاهدن جي برابر قرار ڏئي ڇڏين. يارسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان جو شان تہ اهو آهي جو سڀ اوهان جا حاجت مند آهن ڪو بہ اوهان کان بي نياز ٿئي ئي نٿو سگهي.

سيدي اعليٰ حضرت اِمام احمد رضا خان رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا

ہے خلیل اللہ کو حاجت رسول اللہ کی وہ جہنم میں گیا جو اُن سے مستغنی ہوا [1]

**شعر جي مختصر وضاحت:** منهنجي آقا جو شان اهو آهي تہ ڪو بہ ان کان بي نياز ٿي نٿو سگهي جيڪو بي نياز ٿيندو اهو پنهنجو نڪاڻو جهنم ٺاهيندو ڇوتہ سندن جي حاجت تہ انبياء ڪرام کي پڻ آهي ۽ اللّٰه جا پيارا خليل حضرت ابراهيم بہ سندن محتاج آهن.

## عزت ۽ ڪرامت جا سڀ کان وڏيڪ سبب

امام فخر الدين رازي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: غزوه بدر وغيره ۾ اللّٰه تعاليٰ جي طرف کان ملائڪن جو لشڪر نازل ڪرڻ تاجدارِ عرب محبوبِ ربِّ اڪبر صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم جي لاءِ هو، نہ تہ ڪافرن کي تباهہ و برباد ڪرڻ جي لاءِ هڪ ملائڪ جو پنهنجي پر کي هِلائڻ ئي ڪافي هو. (تفسيرڪبير، يس، تحت الآية: ۲۸، ۹ / ۲۶۹)

امام قرطبي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ڪافرن کي هلاڪ ڪرڻ جي لاءِ صرف هڪ ملائڪ ئي ڪافي آهي، جيئن حضرت لُوط عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي قوم جا شهر حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام جي پرن مان هڪ پر سان تباهہ و برباد ڪيا ويا هئا ۽ حضرت صالح

---

[1] ... حدائق بخشش ص۱۵۲

عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي قوم ثمود جا علائقا هڪ ئي رڻ سان تباهه ڪيا ويا، پر الله پاڪ تمام انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي، ايستائين جو صاحبِ همت ۽ بُلند ارادو رکندڙن رسولن تي به هر شيءِ ۾ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي فضيلت عطا فرمائي آهي ۽ الله پاڪ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڪرامت ۽ اعزاز جا اهي اسباب عطا فرمايا آهن جيڪي ڪنهن ٻئي کي عطا ناهن ڪيا، انهن مان هڪ اهو آهي ته رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ آسمان تان لشڪر نازل ڪيا ۽ آيت ۾ "وَمَآ اَنۡزَلۡنَا" ۽ "وَمَا كُنَّا مُنۡزِلِيۡنَ" فرمائي ڄڻ ته هن ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ڇڏيو ته اي حبيب! صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملائڪن جو لشڪر نازل ڪرڻ انتهائي عظمت وارو ڪم آهي جنهن جي لاءِ توهان ڪان علاوه ٻيو ڪو اهليت نٿو رکي ۽ اسان توهان ڪان سواءِ ڪنهن ٻي جي لاءِ ائين نه ڪنداسين. (تفسيرقرطبی، یس، تحت الآية: ٢٨، ٨ / ١٨، الجزء الخامس عشر)

خدانے اس قدر اُونچا کیا پایہ محمد کا — نہ پہچانا کسی نے آج تک رُتبہ محمد کا
بحکمِ حق اترتے ہیں فرشتے خاص رحمت کے — کیا کرتے ہیں جب اَہلِ سُنَن چرچا محمد کا
نہیں ہے جو غلامِ مصطفٰے بندہ ہے شیطاں کا — وہی ہے بندۂ حق جو ہوا بندہ محمد کا
جمیلِ قادری ایسی سُنا، رنگیں غزل کوئی — کہ بے خود ہو یہاں ہر ایک مستانہ محمد کا[1]

## رسول اڪرم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مالڪ ۽ مختار آهن

اي عاشقانِ رَسُول! اسان جي نور واري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو شان ڪيترو نرالو آهي جو رب پاڪ انهن کي شرعي احڪام جو مالڪ و مختار بڻائي موڪليو جو پاڻ جنهن کي چاهين جيڪو چاهين حڪم ڏئي سگهن ٿا، جنهن جي لاءِ جيڪو چاهين جائز يا ناجائز ڪري سگهن ٿا، سيپاري

[1] ... قبالۀ بخشش ،ص٥٠تا٥٣

22 سورۃُ الاحزاب آيت نمبر 36 ۾ اِرشاد آهي:

وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّلَا مُؤْمِنَةٍ اِذَا قَضَى اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗۤ اَمْرًا اَنْ يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْ ؕ وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا مُّبِيْنًا ؕ﴿۳۶﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ڪنهن به مسلمان مرد ۽ مسلمان عورت کي حق نہ ٿو پهچي جو جڏهن الله ۽ رسول ڪجهہ حڪم فرمائن پوءِ به انهن کي پنهنجي معاملي جو ڪو اختيار رهي ۽ جيڪو حڪم نہ مڃي الله ۽ ان جي رسول جو بيشڪ اهو پڌري ويو کليل پڌرڻ.

تفسير صِراطُ الجنان جلد 8 ۾ آهي: هن آيت مان اهو به معلوم ٿيو تہ حضور پُرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جي عطا سان شرعي اَحڪام ۾ خود مختار آهن. پاڻ جنهن کي جيڪو چاهين حڪم ڏئي سگهن ٿا، جنهن جي لاءِ جيڪا شيءِ چاهين جائز يا ناجائز ڪري سگهن ٿا ۽ جنهن کي جنهن حڪم مان چاهين جدا ڪري سگهن ٿا. (تفسير صراط الجنان، پ۲۲،الاحزاب، تحت الآية:۳۶، ۳۵/۸) حضرتِ سَيدُنا داؤد عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام تي نازل ٿيندڙ مُقَدَّس ڪتاب "زَبور شريف" ۾ آهي: اَحمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سڄي زمين ۽ تمام اُمتن جي گردنن جو مالڪ ٿيو. (فتاویٰ رضويه، ۴۴۵/۳۰)

اللہ اللہ! شہِ کونین جلالت تیری
فرش کیا عرش پہ جاری ہے حکومت تیری[1]

آقا جي آمد مرحبا — داتا جي آمد مرحبا
موليٰ جي آمد مرحبا — اَوليٰ جي آمد مرحبا
اعليٰ جي آمد مرحبا — والا جي آمد مرحبا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

1... ذوقِ نعت، ص۲۴۷۔

## جنَّت ۽ دوزخ جون چاٻيون هٿ مُبارڪ ۾ ڏنيون ويون

مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجو مالڪ نہ ڄاڻي سنت جي مناس کان محروم رهي، تمام زمين ان جي مِلڪ آهي، تمام جنت ان جي جاگير آهي، مَلَكُوْتُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْض (يعني آسمان ۽ زمين جون سيئي سلطنتون) حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي فرمان هيٺان(يعني حڪم مڃيندڙ آهن)، جنت ۽ دوزخ جون ڪنجيون دستِ اقدس (يعني هٿ مبارڪ) ۾ ڏنيون ويون، رزق و خير ۽ هر قسم جون عطائون، حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ئي دربار مان عطا ٿينديون آهن، دنيا ۽ آخرت حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عطا جو هڪ حصو آهي. (بهارِ شريعت، ۸۱/۱-۸۳،حصہ:۱) رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي رَب جي عطا سان جنت جا مالڪ آهن، جنَّت عطا ڪندڙ آهن، جنهن کي چاهين عطا ڪن. (فتاویٰ رضويه، ۱۴/ ۶۶۷) بخاري شريف جي حديث نمبر 71 ۾ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: اِنَّمَا اَنَا قَاسِمٌ وَّاللّٰه يعْطِي يعني الله تعاليٰ عَطا ڪري ٿو ۽ مان تقسيم ڪيان ٿو. (بخاری،کتاب العلم،باب من يرد الله به خيرا يفقه فی الدين،۴۲/۱، حديث:۷۱)

رَبّ ہے مُعطی یہ ہیں قاسم رِزق اُس کا ہے کِھلاتے یہ ہیں
اُس کی بخشش اِن کا صَدقہ دیتا وہ ہے دِلاتے یہ ہیں[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جنهن پاسي اشارو ڪندا هئا چنڊ ان پاسي جهڪي ويندو هو

الله پاڪ جي عطا سان مالڪ و مختار نبي، الله جي ڪرم سان غيبن تي خبردار نبي(يعني غيب کي ڄاڻڻ وارا) صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سج کي حڪم ڏنو تہ ڪجھ دير بيهي رهو، اهو يڪدم بيهي رهيو. (معجم اوسط،باب العين، من اسمه على،۱۱۶/۳،حديث:۴۰۳) عاشقن جي امام، اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنّت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

1 ... حدائقِ بخشش،ص۴۸۱-۴۸۲۔

جي فرمانِ عالي شان جو خُلاصو آهي: اها حديث ان حديث کان علاوه آهي جنهن ۾ مولٰي علي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي لاءِ سج کي رُڪڻ جو حڪم اِرشاد فرمايو هو. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ ان کي خِلافتِ رَبُّ العِزَّت چئبو آهي، سڀئي مخلوقِ اِلٰهي کي ان جي حڪم جي اِطاعت ۽ فرمانبرداري لازم آهي. اهي خدا جا آهن ۽ جيڪو ڪجهه خدا جو آهي اهو سڀ اُن جو آهي، اهي سڀ کان وڏا محبوب (يعني پيارا) آهن، جڏهن پينگهي ۾ ڪير پيئندا هئا تہ چنڊ سندن غلامي ڏيندو هو (يعني ڳالھ مڃيندو هو)، جيڏانهن اشارو ڪندا هئا چنڊ ان پاسي جُهڪي ويندو هو. (فتاوىٰ رضويہ، ۳۰/۴۸۵-۴۸۸ ملخصاً)

چاند اِشارے کا ہِلا حکم کا باندھا سورج
واہ کیا بات شہا تیری توانائی کی[1]

**شعر جي مختصر وضاحت:** سُبحان الله! منهنجي مصطفٰي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ڇا تہ طاقت ۽ اِختيار آهي جو پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ آڱر جو اِشارو ٿئي تہ چنڊ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اِشارن تي هلڻ جو عادي نظر اچي (جيئن تہ ننڍپڻ ۾ چنڊ سندن دِل وندرائڻ جي لاءِ سندن آڱر جي اشاري تي چُرپر ڪندو هو). يارسول الله! سج بہ اوهان جي حڪم جو پابند ٿيو جو حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي هڪ نماز جي لاءِ سج کي پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ موٽائي ورتو.

مُنوّر جي آمد مرحبا مُعطَّر جي آمد مرحبا
شاه بحروبر جي آمد مرحبا رسولِ انور جي آمد مرحبا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اَحڪام حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي حوالي آهن

مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: اَحڪامِ تَشرِيعِيہ (يعني حلال و حرام بابت اَحڪام) حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي قبضي ۾ ڪيا ويا آهن جنهن

[1] ... حدائقِ بخشش، ص۱۵۴۔

لاءِ جيڪو چاهين حرام ڪن ۽ جنهن جي لاءِ جيڪو چاهين حلال ڪري ڇڏين ۽ جيڪو فرض چاهين مُعاف ڪري ڇڏين. (بہارِ شریعت، ۸۴/۱،حصہ:۱)

علّامہ زَرقاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ دُنيا و آخرت جي تمام زمينن جو حضور پُرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مالِڪ ڪري ڇڏيو آهي، حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنَّت جي زمين مان جيتري چاهين جنهن کي چاهين جاگير بخشي ڇڏين ته دُنيا جي زمين جي ڪهڙي اوقات! (شرح زرقانی علی المواهب اللدنية،الفصل السادس فی امرائه و رسله...الخ،۴۹/۵)

## مالڪ الاحڪام هئڻ بابت ٻه روايتون

رَحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اِختيارات بابت ٻه حديثون پيش ڪيان ٿو: (1) صحيح مسلم شريف جي حديث ۾ آهي: الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خطبو پڙهي فرمايو: اي انسانو! الله پاڪ توهان تي حج فرض ڪيو آهي، تنهنڪري حج ڪريو، ته هڪ شخص عرض ڪيو: يا رسول الله! ڇا هر سال حج ڪرڻ فرض آهي؟ حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خاموش رهيا، 3 ڀيرا ان اهو ئي سوال ڪيو، ارشاد فرمايائون: جيڪڏهن مان ”ها“ چئي ڇڏيان ها ته توهان تي واجب ٿي وڃي ها ۽ توهان نه ڪري سگهو ها. (يعني مان ها چوان ها ته توهان تي هر سال حج فرض ٿي وڃي ها ۽ توهان ادا نه ڪري سگهو ها) (مسلم،كتاب الحج، باب فرض الحج مرة فی العمر،ص ۵۳۶، حديث:۳۲۵۷) (2) بخاري ۽ مسلم جي حديث ۾ آهي ته حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪڏهن مان پنهنجي اُمَّت تي بوجھ نه ڄاڻان ها ته انهن کي هر نماز سان گڏ يا هر نماز جي وقت مِسواڪ جو حڪم ڏيان ها. .
(ترمذی،ابواب الطهارة،باب ما جاء فی السواک،۱۰۰/۱، حديث:۲۳)

کُنجی تمہیں دی اپنے خزانوں کی خدا نے محبوب کیا مالک و مختار بنایا
اللہ کی رَحمت ہے کہ ایسے کی یہ قسمت عاصی کا تمہیں حامی و غمخوار بنایا[1]

---

1... ذوقِ نعت، ص۴۸۔

## پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شَفاعت جو دَروازو کوليندا

هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ "توريت شريف" ۾ مالڪ و مختار نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا هي وصف (يعني خوبيون) بيان ٿيون آهن: منهنجو ٻانهو احمدِ مختار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي، سندن پيدائش جي جڳهہ مڪہ مڪرمہ ۽ هجرت جو هنڌ مدينو پاڪ آهي، سندن اُمَّت هر حال ۾ الله پاڪ جي ڪثير حمد (يعني گهڻي ساراهہ) ڪرڻ واري آهي. (تاريخ ابن عساکر، باب ما جاء من ان الشام يکون ملک اهل الاسلام، ١٨٦/١-١٨٧) قيامت جي ڏينهن شَفاعتِ ڪبريٰ جو رُتبو سرورِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خصوصيات مان آهي تہ جيستائين حضوراڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شَفاعت جو دَروازو نہ کوليندا ڪنهن کي شَفاعت جي مجال نہ هوندي، بلڪ حقيقت ۾ جيترا شَفاعت ڪرڻ وارا آهن، حضوراڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دَربار ۾ شَفاعت آڻيندا. شَفاعتِ ڪبريٰ مومن، ڪافر، فرمانبردار، گنهگار سڀني جي لاءِ آهي، جيئن تہ قيامت جو حِساب شروع ٿيڻ جو اِنتظار جيڪو سخت جان وڻندڙ هوندو ان جي لاءِ ماڻهو تمنّا ڪندا تہ ڪاش! جهنم ۾ اڇلايا وڃن ها ۽ هن اِنتظار کان ڇوٽڪارو ملي ها، هن مصيبت کان ڇوٽڪارو ڪافرن کي پڻ حضوراڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صَدقي ملندو، جنهن تي پهريان ۽ بعد ۾ ايندڙ اتفاق ڪندڙ، مخالف، مؤمن ۽ ڪافر سڀئي حضوراڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ساراهہ ڪندا، انهيءَ جو نالو "مقامِ محمود" آهي. (بهارِ شريعت،٧٠/١، حصه:١ بتغير قليل)

ڪيا ہی ذوق افزا شفاعت ہے تمہاری واہ واہ
قرض لیتی ہے گنہ پرہیز گاری واہ واہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شَفاعت جا مختلف قسم

اي عاشقانِ ميلاد! شَفاعت جا ڪيترا ئي قسم آهن، مثال طور ڪيترا اهڙا هوندا جيڪي بِلاحساب جنَّت ۾ داخِل ڪيا ويندا، جن ۾ چار اَرَب نَوّي ڪروڙ جو

تعداد معلوم آهي، ان کان علاوه ٻيا پڻ ڪوڙ آهن، جيڪي الله پاڪ ۽ رَسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عِلم ۾ آهن، ڪيئي اهڙا هوندا جن جو حِساب ٿي چڪو آهي ۽ جهنم جا حقدار ٿي چڪا، انهن کي جهنم کان بچائيندا ۽ ڪن جي شَفاعت فرمائي جهنم مان ڪڍندا ۽ ڪن جا دَرَجات بلند ڪندا ۽ ڪن کان عذاب گهٽ ڪرائيندا. هر قسم جي شَفاعت حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ ثابت آهي. اِن مان ڪنهن جو اِنڪار اهو ئي ڪندو جيڪو گمراه آهي ۽ ها! شَفاعت جو منصب حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏنو ويو آهي جيئن تہ بخاري شريف جي حديث نمبر 335 ۾ شافعِ روزِ جَزا، رَسُولِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا: اُعْطِيتُ الشَّفَاعَة يعني مون کي شَفاعت ڏني وئي آهي. (بخاری،کتاب التیمم،باب التیمم،۱/۱۳۳، حدیث:۳۳۵)

حرزِ جاں ذِکرِ شَفاعت کیجئے نار سے بچنے کی صُورت کیجئے
ہم تمہارے ہو کے کس کے پاس جائیں صَدقہ شہزادوں کا رَحمت کیجیے[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اشعار جي مختصر وضاحت: اي عاشقانِ رسول! پنهنجي جان کي محفوظ ڪرڻ جي لاءِ شفاعت جو ذِڪر پنهنجي ڳلي جو تعويذ بڻائي ڇڏيو، جيئن تعويذ هر وقت ڳلي ۾ رهندو آهي، اهڙي طرح ذِڪرِ شفاعت سان هر وقت پنهنجي زبان کي تَر رکو، اهڙي طرح اي گنهگارو! دوزخ جي باھ کان بچڻ جي توهان جي لاءِ ڪا صورت نڪري سگهي ٿي، عملن تي ڀروسو نٿو ڪري سگهجي، حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت سان ئي ڪم بڻجندو.

اي گنهگارن کي پنهنجي دامن ۾ لڪائڻ وارا مهربان آقا! جڏهن اسان اوهان ئي جا آهيون، جيتوڻيڪ جهڙا بہ آهيون تہ پوءِ اسان مصيبت جا ماريل اوهان ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو در ڇڏي ڪنهن وٽ وڃون، پنهنجن پيارن شهزادن (امامِ

---

[1] ... حدائقِ بخشش،ص۱۹۴-۱۹۶۔

حسن ۽ حسين رضی اللہ عنہما) جو صدقو اسان تي پنهنجي رحمت جي ڇانوَ ڪريو.

## دُرُودِ پاڪ پڙهڻ واري جي لاءِ شَفاعت

حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن اهو چيو: ”اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ “[1] اُن جي لاءِ منهنجي شَفاعت واجب ٿي وئي. (معجم کبیر،رویفع بن ثابت الانصاری،۲۵/۵، حدیث:۴۴۸۰) اسان گنهگارن جي شَفاعت ڪرڻ واري، پنهنجي رَبّ ڪان اسان ڪي بخشائڻ واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: جنهن مون تي 10 ڀيرا صُبح ۽ 10 ڀيرا شام دُرُودِ پاڪ پڙهيو ان ڪي قيامت جي ڏينهن منهنجي شَفاعت ملندي. (مجمع الزوائد،کتاب الاذکار، باب مایقول اذا اصبح و اذا امسی،۱۶۳/۱۰، حدیث:۱۷۰۲۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شَفاعت ماڻڻ جو هڪ بهترين ذَريعو

اي عاشقانِ رَسُول! الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مَدَني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شَفاعت ماڻڻ جو هڪ بهترين ذَريعو دُرُود پاڪ جي ڪثرت بہ آهي، يعني تمام گهڻو دُرُودِ پاڪ پڙهڻ بہ شَفاعت جو بهترين ذَريعو آهي. اَلْحَمْدُ لِله نيڪ بڻجڻ جو طريقو بنام ”نيڪ اعمال“ جي رسالي ۾ بہ روزانو گهٽ ۾ گهٽ 313 ڀيرا دُرُود پاڪ پڙهڻ جي ترغيب موجود آهي، ڪيترو نہ ڀلو ٿئي جو اسان جنهن ٻارهين واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جَشنِ وِلادت ملهائي رهيا آهيون، اُن تي روزانو گهٽ ۾ گهٽ 313 ڀيرا دُرُود پاڪ پڙهڻ جي عادت بڻايون. اچو! شَفاعت جي خيرات گهرندي اسان پنهنجي ٻارهين واري آقا و مولي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي اهو دُرُودِ شفاعت پڙهون ٿا، الله پاڪ اسان ڪي پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شَفاعت

[1]... اے اللہ!حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پر رَحمت نازِل فرما اور انہیں قیامت کے روز اپنی بارگاہ میں مُقَرَّب مَقام عطا فرما۔

ڪان محروم نہ فرمائي: ”اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ“[1]

گر لبِ پاک سے اِقرارِ شَفاعت ہو جائے یوں نہ بے چین رکھے جوششِ عِصیاں ہم کو
نَیّرِ حَشر نے اِک آگ لگا رکھی ہے! تیز ہے دھوپ ملے سایۂ داماں ہم کو[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نُور جو راند يڪو

حضرتِ سيدُنا عبّاس رَضِیَ اللہُ عَنْہ ڪان روايت آهي تہ مون رسولِ اڪرم، نُورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي عرض ڪيو:" يارَسُولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! مون کي تہ اوهان جي جي نبوت جي نشانين اوهان جي دِين ۾ داخل ٿيڻ جي دعوت ڏني هئي. مون ڏٺو تہ اوهان ننڍپڻ ۾ پينگهي ۾ چنڊ سان ڳالهائيندا ۽ پنهنجي آڱر سان ان جي طرف اشارو ڪندا هئا تہ جنهن طرف اوهان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اشارو فرمائيندا هئا، چنڊ ان طرف جهڪي ويندو هو، حضور پرنور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مان چنڊ سان ڳالهيون ڪندو هيس ۽ چنڊ مون سان ڳالهيون ڪندو هو، اهو مون کي روئڻ کان رجهائيندو هو ۽ جڏهن چنڊ عرشِ الٰهي جي هيٺان سجدو ڪندو هو تہ ان وقت مان ان جي تسبيح جو آواز ٻڌندو هيس. (ڪنزالعمال،ڪتاب الفضائل،باب فضائل نبينامحمد و اسمائه و صفاته البشريہ،جزء٦،١٧٢/١١، حديث:٣١٨٢٥)

چاند جُھک جاتا جِدھر اُنگلی اُٹھاتے مَہد میں
کیا ہی چلتا تھا اشاروں پر کھلونا نور کا[3]

---

[1]... اے اللہ! حضرت محمد صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پر رَحمت نازِل فرما اور انہیں قیامت کے روز اپنی بارگاہ میں مُقَرَّب مَقام عطا فرما۔

[2]... حدائقِ بخشش،ص١٢٦۔

[3]... حدائقِ بخشش،ص٢٤٩۔

سلطان جي آمد مرحبا ذيشان جي آمد مرحبا
غيب دان جي آمد مرحبا آقاءِ عطارؔ جي آمد مرحبا

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضوراڪرم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي خصائص ۽ ڪمالات ڪي شمار ڪرڻ انسان جي وس ۾ ناهي، علماءِ ظاهر و باطن سڀ هتي عاجز آهن.**

**حضرت خواجه صالح بن مبارڪ بخاري خليفه مجاز حضرت خواجه سيد بهاؤالدين نقشبندي**رَحْمَةُاللهِعَلَيْه ''**انيس الطالبين**'' **جي صفحي نمبر** 9 **تي لکن ٿا:**

**صوفي سڳورن جو هن معاملي تي اتفاق آهي ته نبوت جي سڀ ڪان وڏيڪ ويجهو مقام ۽ رتبو "صديقيت" آهي. ۽ سلطان العارفين ابو يزيد بسطامي** قُدِّسَ سِرُّہٗ **الله جي بارگاه ۾ انسانن جي درجات جو تفصيل بيان ڪندي فرمائن ٿا: درجات جي ترتيب ۾ اعتبار اهو آهي ته هتي هڪ جي درجات جي انتها ٿيندي آهي اتي ٻئي جي درجات جي ابتداء ٿيندي آهي، وڌيڪ فرمائن ٿا: سڀ ڪان هيٺ عام مومنين جو درجو آهي ان ڪان مٿي اولياء ان ڪان مٿي شهداء ان ڪان مٿي صديقين ان ڪان مٿي انبياءِ ڪرام ان ڪان مٿي الله جا رسول، رسولن ڪان مٿي اولوالعزم رسول ۽ ان ڪان مٿي مقام جي انتهاء ڪان محمد رسول** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي مقام جي ابتدا آهي. ۽ حضرت مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي مقام جي ڪا انتهاء ناهي ۽ الله پاڪ ڪان سواء ڪو ٻيو سندن مقام جي انتهاء نٿو ڄاڻي. عالَمِ ارواح ۾ جڏهن الله پاڪ سڀني روحن ڪان عهد ورتو ان ڏينهن روحن جو مقام انهيءَ مرتبن تي هو جيڪي بيان ڪيا ويا آهن ۽ قيامت جي ڏينهن به انهيءَ رتبن تي هوندا.** (سيرت رسول عربی،550ص بحواله انيس الطالبين (مُتَرْجَمْ)، قسم اوّل، ولی اور ولايت کی تعريف، ص ۳۴) **يعني اسان جي آقا، ٻنهي جهانن جي داتا جو رُتبو عالَمِ ارواح ۾ به سڀني ڪان بلند هو ۽ قيامت ۾ به سڀني ڪان بلند هوندو.**

## لعابِ دهن جو ڪمال

اي عاشقانِ رسول! سيدِ عالم، نورِمجسم تمام جهانن جي لاءِ رحمت بڻائي موڪليا ويا. هن رحمت جو عالم اهو هو جو الله پاڪ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لعابِ دهن (يعني ٿُڪ مبارڪ ۾) اها برڪت رکي، جيڪا زخمين ۽ بيمارن جي لاءِ شفاء ۽ زهر جو اثر دُور ڪرڻ واري هئي. جيئن

روايت ۾ آهي ته هجرت جي رات حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي گهر مبارڪ مان نڪتا ۽ حضرت سَيدُنا ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْه به گڏ هئا، جڏهن پاڻ ڪريم غارِ حرا ۾ پهتا ته حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْه پهريان پاڻ غار ۾ داخل ٿيا ۽ چڱي طرح غار جي صفائي ڪئي ۽ پنهنجي ڪپڙن ڪي ڦاڙي غار جي سمورن سوراخن کي بند ڪيو، پوءِ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ غار جي اندر تشريف وٺي ويا ۽ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْه جي هنج ۾ پنهنجو مٿو مبارڪ رکي سمهي پيا. حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْه هڪ سوراخ کي پنهنجي ڪڙي سان بند ڪري رکيو هو، سوراخ جي اندران هڪ نانگ هر هر يارِ غار جي پير ۾ پئي ڏنگيو، پر جان نثار ان خيال سان پير نه هٽايو ته رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آرام ۾ خلل نه پئجي وڃي. پر درد جي شدت سبب يارِ غار جي لڙڪن جا ڪجهه ڦڙا سرورِڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڳل مبارڪ تي اچي پيا. جنهن سان رحمتِ عالم جاڳي پيا ۽ پنهنجي يارِ غار کي روئندو ڏسي بيقرار ٿي ويا. پڇيائون ابوبڪر ڇا ٿيو؟ عرض ڪيائين يا رسول الله! مون کي نانگ ڏنگي ورتو آهي اهو ٻڌي حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ زخم تي پنهنجو لعاب دهن لڳايو، جنهن سبب يڪدم ئي سڄو سور هليو ويو ۽ زخم به ٺيڪ ٿي ويو. (تفسير روح البيان، پ١٠،التوبه، تحت الآية:٣،٤٠/٤٥٣)

صديق بلکہ غار میں جاں اس پہ دے چکے اور حفظ جاں تو جان فروض غرر کی ہے

هاں تونے ان کو جان انھیں پھیر دی نماز پر وہ تو کر چکے تھے جو کرنی بشر کی ہے

ثابت ہوا کہ جملہ فرائض فروع ہیں اصل الاصول بندگی اس تاجور کی ہے

اشعار جي مختصر وضاحت! يارسول الله! هجرت جي رات غارِ ثور ۾ حضرتِ صديق اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْه سندن حفاظت جي خاطر غار جي سوراخ مان نانگ جي ڏنگڻ جي تڪليف برداشت ڪئي جڻ تہ پنهنجي جان ڏئي ڇڏي، جڏهن تہ جان جي حفاظت ڪرڻ تمام فرضن کان وڏيڪ آهي ۽ حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْه رسول اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ننڊ جي خاطر پنهنجي عصر جي نماز جو وقت ختم ڪري ورتو جڏهن تہ عصر جي نماز سڀني نمازن کان افضل هئڻ جو درجو رکي ٿي پر انهن اها بہ پاڻ ڪريم تي قربان ڪري ڇڏي. انهن اهو ڪيو جنهن جي انسان قدرت رکي ٿو پر سندن جي شانِ عظمت جي بلندي اها آهي جو پاڻ صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْه ڪي جان واپس ڪري ڇڏي ائين جو لعابِ دهن سان نانگ جي زهر کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْه جي قضا نماز سج واپس ڪري نماز ادا ڪرائي. انهن ٻنهي واقعن مان اهو ثابت ٿيو تہ تمام فرض ٿارين جيان آهن ۽ حضوراڪرم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۽ فرمانبرداري تمام فرضن جو بنياد آهي، پاڙ آهي ۽ پاڙ هوندي آهي تہ ٿاريون سايون رهنديون آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لُعابِ دهن سان صرف صديقِ اڪبر ئي فيض ياب نہ ٿيا بلڪ سندن لعابِ دهن جي برڪتن سان ٻين صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوان بہ فيض پاتو آهي جيئن تہ

موليٰ مشڪل ڪشا، حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللهُ عَنْه جي اکين جي اٿڻ جي لاءِ اهو لعابِ دهن "شِفاءُ العَين" بڻجي ويو. حضرت رفاعہ بن رافع رَضِیَ اللهُ عَنْه جي اک ۾ جنگِ بدر واري ڏينهن تير لڳو ۽ اک زخمي ٿي پئي پر پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لعابِ دهن سان اهڙي شفا حاصل ٿي جو درد بہ هليو ويو ۽ اک جي روشني بہ برقرار رهي.

حضرت ابو قتاده رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي چهري تي تِير لڳو، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان تي پنهنجو لعابِ دهن لڳايو تہ يڪدم ئي رت بند ٿي ويو ۽ پوءِ سڄي زندگي انهن کي ڪڏهن تِير و تلوار جو زخم نہ لڳو.

اي عاشقانِ رسول! اسان تاجدارِ رسالت، شهنشاهہ نبوت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا خصائص و معجزات ۽ لُعابِ دهن جي برڪتن جي باري ۾ ٻڌي رهيا آهيون. هونئن تہ اللّٰہ پاڪ هر نبي عَلَیْہِ السَّلَام کي عظمت و شان عطا فرمائي آهي ۽ زماني جي اعتبار سان انهن کي مختلف معجزات بہ عطا فرمايا آهن.

۽ ايترا معجزا عطا ڪيا آهن جو جن جو يقيني تعداد اڄان تائين ڪو بيان ناهي ڪري سگهيو، نائين صدي هجري جو بزرگ حضرت علامہ جلال الدين سيوطي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جيڪو 500 کان وڌيڪ ڪتابن جو مصنف آهي انهن 20 سال جي وڏي محنت کان پوءِ سندن خصوصيتن بابت بہ ڪتاب لکيا جن ۾ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي هڪ هزار (1000) کان ڪجهہ وڌيڪ معجزن جو بيان آهي. جيڪي مڪمل ناهن بلڪ سندن جي معجزن مان ڪجهہ آهن.

**پيارا اسلامي ڀائرو! نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو شان تمام اوچو آهي**

❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي چا ڳالهہ ڪجي جو اللّٰہ** پاڪ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي سڀني نبين کان پهريان پيدا ڪيو ۽ سڀني کان آخر ۾ دنيا ۾ مبعوث فرمايو. (المواهب اللدنية مع شرح زرقاني، المقصد الاول---الخ،فی تشريف الله تعالی له ---الخ، ج١، ص٧۶) ❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي چا ڳالهہ ڪجي جو** عالمِ اَرواح ئي ۾ رسول اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي نبوت سان سرفراز فرمايو ويو ۽ انهيءَ عالم ۾ ٻين انبياءِ ڪرام عَلَیْہِمُ السَّلَام جي روحن سندن روح انور مان فيض حاصل ڪيو. (المواهب اللدنية مع شرح زرقاني،المقصد الاول---الخ،فی تشريف الله تعالی له ---الخ،ج١، ص۶٣) ❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي چا ڳالهہ ڪجي** تہ عالم اَرواح ۾ ٻين انبياءِ ڪرام عَلَیْہِمُ السَّلَام جي روحن کان اللّٰہ پاڪ عهد ورتو تہ جيڪڏهن اهي حضورِ انور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زماني کي ڏسن تہ

سندن تي ايمان آڻين ۽ سندن مدد ڪن. (المواهب اللدنية مع شرح زرقانی ، المقصد الاول۔۔۔الخ،فی تشريف الله تعالی له ۔۔۔الخ،ج۱، ص۷۷) ❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي جو پاڻ ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو مبارڪ نالو عرش جي ستون تي ۽ هر هڪ آسمان تي ۽ بهشت جي وڻن ۽ محلات تي ۽ حُورن جي سينن تي ۽ ملائڪن جي اکين جي وچ ۾ لکيو ويو آهي.** (الخصائص الکبریٰ، باب:خصوصيته بکتابة اسمه الشريف مع اسم الله تعالی۔۔الخ، ج۱،ص۱۲-۱۳) ❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي جو پاڻ سڳورن** عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلام **جو مبارڪ نالو مُحَمَّد** **الله پاڪ جي مبارڪ نالي محمود مان نڪتو آهي.** (الخصائص الکبریٰ، باب:اختصاصه صلی الله عليه وسلم باشتقاق اسمه الشريف ۔۔۔الخ،ج۱،ص۱۳۴) ❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي جو** پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ نالن مان تقريبًا ستر (70) نالا اهي ئي آهن جيڪي الله پاڪ جا آهن ❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي** جو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو هڪ مبارڪ نالو احمد** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي. سندن کان پهريان جڏهن کان دنيا پيدا ٿي ڪنهن جو اهو نالو نہ هو تہ جيئن هن ڳالھ ۾ ڪنهن کي شڪ ۽ شبهي جي گنجائش نہ رهي تہ قرآن پاڪ کان پهريان جي آسماني ڪتاب ۾ جيڪو **احمد** جو ذڪر آهي اهو سندن جو ئي آهي. (شرح الزرقانی علی المواهب،المقصدالثانی۔۔۔الخ،الفصل الاول فی اسمائه ۔۔۔الخ،ج۴، ص۲۳۲-۲۳۴ ملخصًا) ❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي جو پاڻ سڳورا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **پنهنجي پنيان کان ائين ئي ڏسن ٿا جيئن اڳيان کان ڏسن ٿا.** رات جي اونداهي ۾ ائين ڏسن ٿا جيئن ڏينهن جي وقت ۽ روشني ۾ ڏسن ٿا. (الخصائص الکبریٰ، باب:المعجزة والخصائص فی عينيه الشريفتين، ج۱،ص۱۰۴ملتقطًا) ❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي جو پاڻ سڳورن** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي دهنِ مبارڪ جو لعاب کاري پاڻي کي مٺو ڪري ڇڏي ٿو ۽ کيرپياڪ ٻارن جي لاءِ کير جو ڪم ڏئي ٿو.** (الخصائص الکبریٰ،باب:الايات فی فمه الشريف وريقه واسنانه،ج۱،ص۱۰۵) ❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي جو پاڻ سڳورن** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي ٻڌڻ جي قوت سڀني کان وڌيڪ هئي.** ايستائين جو اڪثر ملائڪن جي هجوم جي سبب آسمان ۾ جيڪو آواز پيدا ٿيندو آهي، پاڻ اهو بہ ٻڌي وٺندا هئا. حضرت جبرائيل عَلَيه السَّلام **اجان سِدرةُ المُنتهٰي ۾ هوندا هئا پاڻ**

ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن جي پرن جو آواز ٻڌي ونندا هئا ۽ جڏهن اهي اتان ڪان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڏانهن وحي جي لاءِ لهڻ لڳندا ها تہ پاڻ ان جي خوشبو سُونگهي ونندا هئا. آسمان جي دروازن جي کُلڻ جو آواز بہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌي ونندا هئا. ★ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي ڇا ڳالهہ ڪجي جو پاڻ سڳورا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **اهڙا بشر هئا جو جن جو پاڇو نہ هو ڇاڪاڻ تہ پاڻ سڳورا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **نور ئي نور هئا ۽ نور جو پاڇو ناهي ٿيندو.** (الخصائص الکبریٰ،باب:الایة فی انه صلی اللّٰہ علیه وسلم لم یکن یری له ظل، ج۱، ص۱۱۶) **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي ڇا ڳالهہ ڪجي جو الله پاڪ پنهنجي شريعت جو پاڻ ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **کي مختارِ ڪل بڻايو آهي، پاڻ جنهن لاءِ جيڪو چاهين حلال ڪن ۽ جنهن جي لاءِ جيڪو چاهين حرام ڪن.**

ڪل امامتِ ڪل سيادَتِ ڪل اِمارتِ ڪل
حکومتِ ڪل وِلايتِ ڪل خدا کے یہاں تمہارے لئے

مختصر وضاحت: يارسول الله! الله پاڪ وٽ اوهان کي اهو رتبو مليو آهي جو اوهان ئي سيني جا اصل، اوهان ئي سيني جا امام، اوهان ئي سيني جا سردار، اوهان ئي انبياء جا سردار، اوهان وٽ ئي تمام حڪومت ۽ اوهان کي ئي سڀن جي ولايت حاصل آهي.

حڪيم جي آمد مرحبا　　عظيم جي آمد مرحبا
چڱي جي آمد مرحبا　　پياري جي آمد مرحبا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "صداءِ مدينہ"

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اِخلاص ۽ اِستِقامت سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۽ عشق رسول حاصل ڪرڻ ۽ ٻين کي ان جا جام پيئارڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصّو وٺو. انهن 12 مَدَني ڪمن مان هڪ

مدني ڪم روزانو ”صَداءِ مدينہ لڳائڻ“ بہ آهي. **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني ماحول ۾ مُسلمانن کي فجر جي نَماز جي لاءِ جاڳائڻ کي صَداءِ مدينہ لڳائڻ چيو ويندو آهي. يقيناً اڄڪلهہ مُسَلمان دِين کان گهڻو پري ۽ فڪرِ آخرت کي ڇڏي دنيا جي فڪر ۾ مصروف آهن. سنتن ۽ نفلن جي ڳالهہ تہ پري رهي پر ماڻهن جي اَڪثرِيت فرض نمازون تائين قَضا ڪري ڇڏي ٿي. انهيءَ ڪري اسان جون مسجدون وِيران ٿي ويون، اهڙي صورتحال ۾ انهن کي ٻيهر آباد ڪرڻ جو عزم ڪرڻ ۽ انهيء عزم جي تڪميل جي لاءِ مسلسل ڪوشش ڪرڻ يقيناً سَعادَت جي ڳالهہ آهي. لهٰذا ڪوشش ڪريو! ۽ مسجد جي آبادڪاري جي لاءِ روزانو صَداءِ مدينہ لڳائڻ جو معمول بڻائي ونو. جيئن تہ

## اميرالمؤمنين ۽ صداءِ مدينہ

اَمِيرُالمؤمنين حضرت سيدُنا عُمَر فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو اهو معمول هو جو پاڻ جڏهن فجر نماز جي لاءِ ويندا هئا تہ واٽ ۾ ماڻهن کي نماز جي لاءِ جاڳائيندا ايندا هئا، ۽ اَذانِ فجر کان فوراً بعد جيڪڏهن مسجد ۾ ڪو سُتل هوندو هو تہ ان کي بہ جاڳائيندا هئا. (الطبقات لابن سعد ، رقم ۵۶ ، عمربن خطاب ، ۳ / ۲۶۳)

ياد رکو! جيڪڏهن اسان جي اِنفِرادي ڪوشش سان هڪ اسلامي ڀاءُ بہ نمازي بڻجي ويو تہ ان کي تہ نيڪ عملن جو ثواب ملندو ئي، گڏوگڏ اسان بہ ان ثواب سان مالامال ٿينداسين. ڇوتہ ”نيڪي جي طرف رَهنمائي ڪرڻ وارو بہ نيڪي ڪرڻ واري جيان آهي.“ (ترمذی ، کتاب العلم ، باب ماجاء الدال علی الخیر کفاعله ، ۴ / ۳۰۵ ، حدیث : ۲۶۷۹)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪامل مسلمان بڻجڻ جي لاءِ، غيبت ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي عادت ڪيڻ، نمازن ۽ سُنَّتن جي عادت بنائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان هردَم وابَستہ رهو، اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! مُعاشري جا ڪيئي بگڙيل شخص دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول جي بَرَڪت سان سڌي واٽ تي اچي چڪا آهن. جيئن تہ

## مدني بهار

مَترا (هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجھ هن طرح بيان آهي تہ ”مان هڪ ماڊرن نوجوان هئس، فلمون ڊراما ڏسڻ منهنجو مشغلو هو، مڪتبةالمدينه ڪان جاري ٿيل بيان جي ڪيسيٽ ”T.V کی تباہ کاریاں“ ٻُڌڻ جو شرف حاصل ٿيو، جنهن مون ۾ انقلاب پيدا ڪري ڇڏيو، مان دعوت اسلاميءَ جي مدني ماحول سان ڳنڍجي ويس، مونکي اپينڊس(Appendix) جي بيماري ٿي وئي ۽ ڊاڪٽر آپريشن جو مشورو ڏنو مان گهٻرائجي ويس ايتري ۾ دعوت اسلاميءَ جي هڪ مبلّغ جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ زندگيءَ ۾پهريون ڀيرو عاشقانِ رسول سان گڏ دعوتِ اسلاميءَ جي سنّتن جي تربيت جي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس، اَلحَمدُلله مدني قافلي جي برڪت سان بغير آپريشن منهنجي بيماري ختم ٿي وئي ۽ منهنجي جذبي ڪي مديني جا ٻارهن چنڊ لڳي ويا. هاڻي مان هر مهيني ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندو آهيان ۽ هر مهيني مدني انعامات جو ڪارڊ جمع ڪرائيندو آهيان ۽ مسلمانن کي فجر جي نماز خاطر جاڳائڻ لاءِ **صداءِ مدينه** لڳائيندو آهيان. (فيضانِ سنت، ص۲۴۷)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نگران شوري حاجي محمد عمران جي ايپ (Application) جو تعارف

دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ دين جي تبليغ جي لاءِ مصروفِ عمل آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوت اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ (I.T Department) عاشقانِ رسول جي لاءِ هڪ نهايت شاندار ڪم نگران شوريٰ حاجي محمد عمران عطاري مَدَّظِلَّه الْعَالي جي نالي سان بہ هڪ ايپ بنام **مولانا محمد عمران عطاري** جي صورت ۾ ڪيو آهي، اها ايپ لاؤنچ ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ نگران شوريٰ حاجي محمد عمران عطاري مَدَّظِلَّه الْعَالي جا آڊيو (Audio)، ويڊيو(Video)بيانات، شارٽ ڪلپ، مختلف مصروفيات، مدني چينل ريڊيو، ڊاؤن لوڊ، سرچ ۽ شيئرنگ جون سهولتون

موجود آهن. هن ايپلي ڪيشن ۾ مدني چينل تي ٽيندڙ پروگرامز بہ شامل ڪيا ويندا آهن. هن ۾ موجود ”Chat Live“ آپشن جي ذريعي اوهان پنهنجا مفيد مشورا ڏئي سگهو ٿا. لهٰذا اڄ ئي هن موبائل ايپلي ڪيشن کي پلي اسٽور(Play Store) يا ايپ اسٽور(App Store) تان ڊاؤن لوڊ ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## لباس جون سنتون ۽ آداب

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو باني دعوتِ اسلامي، شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”163 مدني گل“ مان لباس جا ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا. پهريان فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظہ ڪريو: ❖ جنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگهڙ وچ ۾ پردو اهو آهي تہ جڏهن ڪپڙا لاهي تہ بِسْمِ الله چوي. (اَلْمُعْجَمُ الْاَ وْسَط ج٢ص٥٩حديث ٢٥٠٤) مُفسّر قرآن، حڪيم الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني جيئن ديوار ۽ پردو ماڻهن جي لاءِ اوٽ (يعني آڙ) بڻجي ٿو ائين ئي الله پاڪ جو ذڪر جنّن جي نگاهن کان اوٽ بڻجندو تہ جيئن جنّ ان جي شرمگاھ کي ڏسي نہ سگهن. (مرآة المناجيح،١/ ٢٦٨) ❖ جيڪو شخص ڪپڙا پائي تہ هي دعا پڙهي: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ کَسَانِیْ هٰذَا وَرَزَقَنِیْهِ مِنْ غَیْرِ حَوْلٍ مِّنِّیْ وَلَا قُوَّةٍ تہ ان جا اڳيان پويان گناھ معاف ٿي ويندا. (شُعَبُ الْاِيمان ج٥ ص١٨١ حديث٦٢٨٥) جيڪو قدرت باوجود سنا ڪپڙا پائڻ تواضُع (يعني عاجزي) جي ڪري ڇڏي ڏي الله پاڪ ان کي قيامت جي ڏينهن ڪرامت جو حُلّو (يعني لباس) پارائيندو. (ايضاً ص 326 حديث 4778) ❖ خَاتَمُ الْمُرْسَلِين، رَحْمَة لِّلْعٰلَمِين صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ لباس اڪثر سفيد ڪپڙي جو هوندو هو. (ڪَشْفُ الاِلْتِباس فِي اسْتِحْبابِ اللِّباس لِلشَّيخ عبدالْحَقّ الدّهلَوي ص٣٦) ❖ لباس حلال ڪمائي مان هجي ۽ جيڪو لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي (اَيضاً ص١ ۴) ❖ پائڻ مهل ساڄي پاسي کان شروع ڪيو (جو سنت آهي) مثلاً جڏهن ڪُرتو پايو تہ پهريان آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کاٻو هٿ کاٻي آستين ۾ (اَيضاً٤٣) ❖ اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهريان ساڄي پانچي

۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪُرتو يا پاجامو) لاهيو ته ان جو خلاف يعني کاٻي پاسي کان شروع ڪيو ❖ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" جلد 3 صفحي 409 تي آهي: سنت هي آهي ته دامن جي ڊيگهه اڌ پني تائين هجي ۽ آستين جي ڊيگهه وڌ ۾ وڌ آڱرين جي منڍ تائين ۽ ويڪر هڪ گرانٺ هجي (رَدُّالمُحتار ج ۹ ص ۵۷۹) ❖ سنت هي آهي مرد جو تهبند (گوڏ) يا پاجامو پيڏين کان مٿي رهي. (مراۃ ، ج۶ص۹۴) ❖ مرد مردانو ۽ عورت زنانو ئي لباس پائي. ننڍن ٻارن ۽ ٻارڙين ۾ به هن ڳالهه جو لحاظ رکو ❖ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" جلد 1 صفحي 481 تي آهي: مرد جي لاءِ دن جي هيٺان کان گوڏن جي هيٺ تائين عورت آهي يعني ان جو ڍڪيل هئڻ فرض آهي، دن هن ۾ داخل ناهي ۽ گوڏا داخل آهن. ❖ تڪبُّر طور جيڪو لباس هجي اهو منع آهي تڪبُّر آهي يا نه ان جي سڃاڻپ ائين ڪريو جو انهن ڪپڙن جي پائڻ کان پهريان پنهنجي جيڪا حالت ڏسي ٿو جيڪڏهن پائڻ کان پوءِ به اها ئي حالت آهي ته معلوم ٿيو ته انهن ڪپڙن سبب تڪبُّر پيدا نه ٿيو. جيڪڏهن اها حالت اجا باقي نه رهي ته تڪبُّر اچي ويو. لهٰذا اهڙن ڪپڙن کان بچي، ڇوته تڪبُّر تمام بُري صِفَت آهي. (بهارِشريعت ج۳ص ۴۰۹ ،رَدُّ المُحتار ج ۹ ص ۵۷۹)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں اور آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع پڙهيا ويندڙ درود شريف

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ

الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو به ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِمدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو : جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## ﴿3﴾رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[3]

---

[1] ...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[2] ...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الثانیۃ والخمسون،ص149

[3] ...القول البديع،الباب الاول،ص125

## ﴿6﴾دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃ

شافعِ اُمَم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

### ﴿1﴾هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[2]

### ﴿1﴾جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[3]

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]… الترغيب والترہيب،كتاب الذكر و الدعاء،۳۲۹/۲،حديث:۳۰

[2]… مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[3]… تاريخ ابنِ عساكر،۱۵۵/۱۹،حديث:۴۴۱۵